# قومي مرضن جي سڃاڻپ ۽ علاج ۾ رڪاوٽ

رسول بخش پليجو

## ٻڌيندڙ هوئي ته..

اڄ ڪلهه سنڌ پريس رسالن ۾ مختلف عنوان هيٺ سوچ ويچار، جهڙا ڪيئين اهم بحث نڪري پيا آهن.

جيڪڏهن ان قسم جي بحث مباحثن کي سچائي، سڃاڻپ ۽ سيبتائيءَ سان اڳتي وڌائجي ته جيڪر ڪئين منجهائيندڙ علمي ۽ قومي مامرن بابت ڇنڊايون ٿي پون ۽ منجهيل ذهن ڪافي صاف ٿي پون.

دنيا جو ڪو به فرد، قوم ۽ ملڪ اهڙو ڪونهي، جنهن جي اڳيان ڪي مسئلا ۽ مامرا نه هجن، اڳي ڳالهه ٻي هئي هاڻ دنيا ۾ جيئن ڪينسر ۽ ايڊز جهڙن موذي مرضن کان سواءِ ٻيو ڪو به اهڙو مرض ڪونه رهيو آهي، جنهن جي سڃاڻپ ۽ علاج نه ٿي سگهندو هجي، تيئن فردن ۽ قومن جا به ڪي مسئلا ته اهڙا آهن، جن جو في الحال ڪينسر ۽ ايڊز وانگر ڪوبه شافي علاج ڪونهي. پر ٻيا اڪثر مسئلا اهڙا آهن، جن جي سڃاڻپ به ڪري سگهجي ٿي ته علاج به.

مرض جي صحيح سڃاڻپ ڪيئن ٿئي؟

مرض جي سڃاڻپ جي لاءِ هيٺيون ڳالهيون ضروري آهن:

(1) ڊاڪٽر، واقعي قابل هجي، کيس خبر هجي ته هن مرض جي سڃاڻپ لاءِ ڪهڙيون ٽيسٽون ڪرڻيون آهن.

(2) ٽيڪنيشن کي اهي ٽيسٽون ڪرڻ جي ڄاڻ، لياقت ۽ تجربو هجي.

(3) ٽيسٽن جون مشينون صحيح حالت ۾ هجن ۽ صحيح نتيجا ٻڌائين.

(4) ڊاڪٽر ٽيسٽن جي صحيح رپورٽن مان صحيح نتيجا ڪڍي صحيح دوائون لکي ڏين.

(5) مريض اهي باقاعدي ڊاڪٽرن جي هدايتن مطابق استعمال ڪري ۽ ڊاڪٽر کي پنهنجي حالت جي صحيح ۽ باقاعدي رپورٽ ڏي.

(6) ڊاڪٽر ضرورت موجب علاج ۾ درستيون ۽ ڦيريون گهريون ڪندو رهي.

(7) مريض، ڊاڪٽر توڙ تائين علاج جي ان عمل ۾ مشغول رهن.

## وڏي جن وڏياس، وري ويڄ ئي سي ٿيا!

علمي، سماجي ۽ قومي مسئلن جي سجاڳپ ۽ حل لاءِ اهڙو تيز سائنسي ۽ ڊاڪٽري طريقو ڪتب آڻڻ ممڪن ڪونهي پر ٿلهي ليکي ان طريقي جا يا گهٽ ۾ گهٽ ان طريقي جي روح جي پيروي ڪري سگهجي ٿي. مثلن سنڌ جا عام ماڻهو، سياڻا سيبتا ماڻهو ۽ پنهنجن پنهنجن شعبن جا ماهر ماڻهو جيڪڏهن پنهنجي پنهنجي سطح تي مسئلا پيش ڪن، مسئلن جي سائنسي ڇنڊ ڇاڻ ۽ سجاڳپ ٿئي، انهن جا علاج صحيح اصولن پٽاندر تجويز ٿين. پيٽجن، ڪجن ۽ چونڊجن، انهن کي گڏيل صلاح سان صحيح نموني آندو ۽ آزمايو وڃي تہ آزمودن پنيان آزمودا، غلطيون ۽ درستيون ڪندي ڪندي (Process of trial and error) "آزمودن ۽ غلطين جي عمل" مان لنگهندي اسين صحيح طرف واڌارا ڪري ڪاميابيون حاصل ڪري سگهون ٿا. ان حالت ۾ سوال تو پيدا ٿئي تہ اڄ جڏهن اسان جي اڳيان هيترا سارا قومي اهميت جا نظرياتي، ثقافتي، سماجي ۽ سياسي سوال ۽ مونجهار ڪر ڪٽيو بيٺا، اسان جي اکين ۾ اکيون وجهيو اسان کي جواب طلب ڪن تہ پوءِ اهي ڪهڙا سبب آهن، جو اسين هيترو سارو ولر مڙسن جو جيڪي پاڻ کي انڌا منڊا پڙهيل ڪڙهيل سمجهون ٿا سي انهن مسئلن بابت پاڻ ۾ صلاح ڪري زباني توڙي پريس ۾ هڪڙي منظم ۽ مهذب خيالن جي ڏي

وٺ نہ ٿا ڪري سگھون؟ ان راھ ۾ ڪي رڪاوٽون بہ آهن ڇا؟ جي ها تہ ڪھڙيون؟

## اڳيان ٽڪر تڙ! متان روھ رتيون ٿئين!

منهنجي خيال ۾ ان سلسلي ۾ جيڪي رڪاوٽون آهن. تن مان مکيہ هيٺيون تيرنھن رڪاوٽون آهن:

(1) عوام متان جاگيردارانہ دور جي انفراديت، اڪيلائپ ۽ ڇڙو ڇڙ رهڻ ۽ سوچڻ ۽ هلڻ واري سوچ ۽ عمل جي ريتن روايتن جو ڇانيل هجڻ، سندن خواهشن، اميدن، مقصدن ۽ حوصلن جو جاگيرداري ذهني ۽ فڪري آمريت جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هجڻ ۽ اجوڪن جمهوري دور جي سوچن ۽ اظهار جي وسيلن جي ڄاڻ ۽ حاصلات کان محروم هجڻ.

هن ملڪ ۾ خاص ڪري سنڌ ۾ پنهنجي خيالن ۽ سوچن، اهنجن ۽ ايذائن، مونجهارن ۽ مسئلن بابت علمي ۽ عوامي سطح تي اظهار ڪرڻ جي عادت ۽روايت نہ هجڻ ڪري، جاگيردارانہ دور جي روايتن مطابق پنهنجي دل جي ڳالھ جو "ڏارين" اڳيان اظهار نہ ڪرڻ ڪي مڙسيءَ جي علامت سمجھڻ ۽ اظهار کي هلڪڙائپ، ڪمزوري ۽ مڙس لاءِ عيب سمجھيو وڃڻ ۽ ڳرو مڙس ان کي سمجھيو وڃڻ جيڪو ڪيجي پيجي نہ ۽ سڀ ڪجھ ماٺ ميٺ ۾ برداشت ڪري وڃي پار پوي.

(2) ان ڳالھ جي ڪري سنڌي ماڻھن جو نفسياتي طرح پنهنجي راءِ جو اظهار جي حق کي استعمال ڪرڻ بابت ڦڪائي، شرم، ڪمتري، زيادتي بلڪ گناھ جي احساس ۾ مبتلا هجڻ.

(3) گھربل سطح جي تعليم نہ هجڻ ڪري خيالن کي اهڙي نموني ظاهر نہ ڪري سگھڻ جو اهي ٻين تي اثر ڪن ۽ قوم جي مختلف سوچن رکندڙ ماڻھن جي وچ ۾ خيالن ۽ سوچن جي ڏي وٺ جو بامقصد ۽ ڪارائتو موضوع ۽ وسيلو بڻجي سگھڻ.

**(4) حڪومت جي طرفان ماڻهن جي اظهار جي لاءِ آزاديءَ کي عملاً تسليم نہ ڪرڻ ۽ ان کي روڪڻ لاءِ قيد، سزائون ۽ عذاب ڏيئي کين دهشت زده ڪري چپ ڪرائي ڇڏڻ ۽ سدائين هڪ حد تائين چپ رکڻ.**

**(5) هڪڙي پاسي زندگيءَ جي مامرن جو پاڻ ۾ اٽڪيل، هڪ ٻئي تي دارومدار رکندڙ، منجهيل، گهڻ پاسائو ۽ پيچيدو هجڻ ۽ انهن کي منهن ڏيڻ لاءِ گهڻ پاسائين ۽ سڀ طرفي ڄاڻ درڪار هجڻ ۽ ٻئي طرف سنڌين جهڙين پوئتي پيل سماجي ۽ ذهني سطح جي قومن جي ماڻهن جي سوچڻ جو گهڻ پاسائو نہ پر هڪ پاسائو هجڻ، جيڪو جنهن ڳالهہ بابت بہ اڪر ڄاڻندو هجي، تنهن جو هيڏ جي ٻن ڳرين جي مالڪ ڪوئي وانگر پساري ٻڌجي ويهي رهڻ نہ رڳو پنهنجي ان بہ اڪري ڄاڻ ۽ تجربي سوچ ۽ عمل کي ئي ڪافي شافي سمجهي ويهي رهڻ، پر ٻي گهربل ڄاڻ، سمجهہ تجربي سوچ ۽ عمل ۽ انهن سان واسطو رکندڙ ماڻهن جي ضرورت ۽ اهميت کي صفا رد ڪري ڇڏڻ بلڪ انهن جي نندا ۽ انهن تي چٿر ڪري ماڻهن کي اهڙن معاملن جي نزاڪت بابت، جهالت ۽ سخت گمراهيءَ ۾ مبتلا ڪري گڏيل قومي سوچ ۽ عمل جي اسرڻ ۽ نسرڻ جو دروازو بند ڪري ڇڏڻ ۽ قوم ۾ ذهني افراتفري، تباهي ۽ ويراني ڦهلائڻ.**

**(6) پنهنجي شروعاتي دور ۾ هر شيءَ ۽ ڳالهہ اڻپوري ۽ ناقص هوندي آهي ۽ ان کي پنهنجي صحِيح موزون حالت ۾ اچڻ لاءِ ڪافي وقت گهربل هوندو آهي. مثال طور پڙهڻ ۽ لکڻ، ادب ۽ فن پهريائين گهٽي ياڳي قديم مذهبي تبليغ لاءِ پيدا ڪيا ۽ ڪتب آندا ويا. اها سچي ڳالهہ هئي. جيئن برين ڳالهين مان بريون توڙي سنيون ڳالهيون پيدا ٿينديون آهن. تيئن سنين ڳالهين مان سنين سان گڏ بريون ڳالهيون بہ پيدا ٿي سگهنديون آهن.**

**برهمڻ، بکشوئن، پنڊتن ۽ ملن لکڻ ۽ پڙهڻ، فن ۽ ادب بابت هميشہ اها سر توڙ ڪوشش پئي ڪئي آهي تہ اها هميشہ هميشہ لاءِ ٻالڪپڻ واري شروعاتي ڪچي ۽ ناقص حالت ۾ قيد رکجن تہ جيئن ڪانئن هميشہ لاءِ پنهنجي ٻانهپ ڪرائي سگهجي ۽ کين اڳتي وڌڻ ئي نہ ڏجي. ساڳيءَ طرح سنڌ ۾ سياست جيئن تہ غدار سياست باز وڏيرن جي قبضي ۾ هئي، تنهن ڪري سنڌ ۾ قوم دوست ۽ عوام دوست سوچ ۽ عمل جي شروعات لاچار اهڙن محب وطن ۽ قومي درد رکندڙ فردن ۽ گروهن کي رکڻي پئي، جيڪي نہ رڳو بنيادي طور عوام دوست،**

قوم دوست عملي سياست جي نظريہ، تجربي ۽ عمل جا ڄاڻو ۽ ماهر نہ هئا پر سندن ان معاملي ۾ ڄاڻ ۽ سمجهہ اهڙي جذباتيت جي سطح تائين محدود هئي، جيڪا هڪ شروعاتي حد کان پوءِ ۽ هڪڙي مخصوص قسم جي دائري اندر ڪجهہ ابتدائي قسم جو فائدو ڏيڻ سان گڏ ڪٿيو ٿورو، لباڙ گهٽي، جي چوٽيءَ مطابق ڪن حالتن ۾ سخت جهالت ۽ گمراهي ۽ نقصان جو سبب بہ بنجي سگهجي ٿي. اهڙي سوچ جو قومي سوچ جي واڌاري ۽ بلوغت جي راهہ ۾ وڏي رنڊڪ بڻجي پوڻ.

(7) اهڙن قوم جي گهڻ گهرائيءَ جي علمبردار ماڻهن کي اها خطرناڪ باراٽي خوش فهمي هجڻ تہ قوم جي درد جو دارون رکندڙ قوم جا خيرخواهہ، گهڻ گهرا ۽ اصل وارث هو ئي آهن ۽ ٻئي ڪنهن جو ان ڳالهہ سان واسطو ئي نہ آهي. اهڙن قومي درد رکندڙ پڙهيل لکيل فردن ۽ گروهن مان ڪيترن جو تعلق ادب، شاعري، صحافت ۽ ادبي قسم جي دانشوريءَ سان هو. انهن مان ڪي پنهنجي مخصوص شعبن جي دائري ۾ پنهنجي پنهنجي حد تائين سڄاڻ ۽ سيبتا هئا ۽ آهن. قومي چوٽڪاري جي لاءِ گهربل قومي عوام جمهوري جدوجهد جي سڀ طرفين، گهرين ۽ وسيع فڪري، نظرياتي، سائنسي ۽ عملي تقاضائن جو هلڪو ۽ اڻ چٽو تصور منجهائين ڪن کي آهي، ڪن کي ڪونهي. ڪي اهڙا سطحي جذباتي اڻ گهڙيل ڪاٺ قسم جا عقل جا ويري هن قسم جون هاجيڪار جاهلاڻيون ڳالهيون پيا ڦهلائين تہ سيني جي گڏيل پلائيءَ لاءِ عملي عوامي جدوجهد جو دور مدي خارج ۽ ناڪام ٿي ويو. هاڻ جمهوريت جو دور آيو آهي. هاڻ رڳو ويهي پاڻ کي ٺاهيو. قوم جا سچا خيرخواهہ فقط اديب ۽ شاعر آهن. سمورا سياستدان بدمعاش آهن. ”هر قسم جو ادب سٺو آهي، هر قسم جي سياست خراب آهي.“ ”فقط لکڻ عاليشان تخليقي ڪم آهي. تقدير تنظيم ۽ عملي جدوجهد کي خاص ڪم ناهن.“ قوم جي قسمت (NGO's) بدلائيندا. سڀ سياسي پارٽيون بيڪار آهن. عوامي عملي جدوجهد خراب آهي، فقط سڌارڪ قسم جو فلاح ۽ بهبود جو ڪم جيڪو (NGO's) قسم جي فلاحي عالمي تنظيمن جي هٿ هيٺ ٿئي ٿو، سو صحيح آهي، ”سياست ملڪ تباهہ ڪري ڇڏيو. هاڻ سياست ختم ڪريو!“ وغيره وغيره ان ڪري ماڻهن جي سياسي تعليم ۽ تربيت ۾ هڪڙو وڏو جڳاڙ ۽ خرابي پيدا ٿي وئي هجڻ.

(8) مذهب يا نظري جي آڙ ۾ مخصوي طبقاتي، نسلي ۽ قومي مفادن ۽ ان جي تابع سوچن جو سنڌي قوم جي ڪنهن حد تائين پڙهيل ڳڙهيل متحرڪ ذهن مٿان ذهني، نظرياتي ۽ روحاني دهشت گرديءَ ذريعي غلبو ۽ اختيار بلڪ شعوري ۽ رٿيل بگاڙ ۽ جذباتي قيد ۽ ان غلبي، بگاڙ ۽ قيد مان ڪرڻ لاءِ گهربل عملي، عقلي ۽ نفسياتي محرڪ، ذهني ۽ نظرياتي وسيلا ۽ جذباتي ۽ فطري پهچ نه هجڻ.

(9) جنهن حد تائين لکڻ ۽ ڇپجڻ جي آزادي حاصل آهي ته ان حد تائين جيڪي ماڻهو ڪتابن ۽ اخبارن ۾ لکن ۽ ڇپجن ٿا، تن مان جي هڪ حد تائين روشن خيال، ترقي پسند ۽ آزادي پسند سوچ ۽ عمل ۽ ٻئي طرف مٿي ڄاڻايل سببن ڪري ان سوچ ۽ عمل جي پاڙڻ ۾ پنهنجي لئي، سرسي، ساڙ، انتقام ۽ ٻين اهڙن ڪريل جذبن جي تسڪين لاءِ استعمال ڪرڻ جي حرڪتن عادتن ۽ روايتن جي موجودگي.

(10) ايجنسين ۽ سندن ماڻهن سندن نظر ۾ نقصانڪار ۽ خطرناڪ ماڻهن خلاف پنهنجي پاليل ماڻهن هٿان زباني ۽ لکت ۾ مضمون ۽ پروپئگنڊائون.

(11) ٻين سنڌ دشمن قوتن طرفان پنهنجي مخصوص مفادن ۽ سماجي ۽ فڪري اوليتن مطابق پنهنجي ڪم جي مخصوص سوچن، فڪري لاڙن ۽ ماڻهن کي عوام جي ذهنن تي هٿرادو نموني سوار ڪرڻ لاءِ تنهن جي ساراهه ۾ ڪروڙو پرچار ۽ انهن جي مخالفت ڪندڙ لاڙن ۽ ماڻهن خلاف ڪوڙي پروپئگنڊا جا منفي اثر ۽ انهن جو ڪڙيون ڪيل نفسياتي، فڪري ۽ سماجي رڪاوٽون.

(12) اخبارن جون پنهنجون مخصوص پسندون، ناپسندون ۽ اوليتون ۽ انهن جي خيالن ۾ ويچارن جي ڀرپور ڏي وٺ تي مثبت ۽ منفي اثر.

(13) ملڪ ۾ منطقي ۽ عقلي روايتن جي نه هجڻ يا نهايت ڪمزور هجڻ جي ڪري پنهنجي عقل، دليل ۽ مقبوليت جي ذريعي ٻين کي قائل ڪرڻ بدران استدالي دٻڙ ڏئونس. لفاظي، ڏاڍ مڙسي، خواري، ناٽڪ، سانگ ۽ ڏچرپي ذريعي زوري مڃائڻ جي اها روايت جنهن کي عام سنڌي ٻوليءَ ۾ فشريءَ جي روايت چئي سگهجي ٿو.

اهي سموريون ڳالهيون هن وقت سنڌي ماڻهن جي وچ ۾ خيالن جي سنجيدي ۽ ڪارائتي ڏي وٺ ۽ ڪنهن گڏيل اتفاق راءِ جي ڪوشش جي راهه ۾ رڪاوٽ بنيل آهن.

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books